قرآني

بيان

# درود شريف جي آيت

(سيپارو:22، سوره احزاب:56)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

6 فيبروري، 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 17 شعبان شريف 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي
لاءِ 6 فيبروري 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 17 شعبان شريف 1447ھ) جمعة
المبارڪ جو

قرآني بيان
بنام

# درود شريف جي آيت (سيپارو: 22، سوره احزاب: 56)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

✿… درودِ پاڪ پڙهڻ جو حڪم ڇو ڏنو ويو.. ؟
✿… درود نہ پڙهڻ جو وبال (واقعو)
✿… درودِ پاڪ بابت ڪجھ احڪام
✿… قرض جي ادائيگي جو انوکو انتظام (واقعو)

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ قَالَ: اَوۡلَى النَّاسِ بِيۡ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ اَكۡثَرُهُمۡ عَلَيَّ صَلَاةً.

الله جي پياري حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي وڌيڪ ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.[1]

سُنتے ہیں کہ محشر میں صِرف اُن کی رَسائی ہے
گر اُن کی رسائی ہے، لو جب تو بَن آئی ہے
مچلا ہے کہ رحمت نے اُمید بڑھائی ہے
کیا بات تِری مجرم! کیا بات بن آئی ہے (2)

---

[1]…ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جاقی فضل الصلوة، صفحہ:144، حدیث:484۔

[2]…حدائقِ بخشش، صفحہ:192۔

**وضاحت:** ٻڌون ٿا تہ قيامت جي ڏينهن رسول ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رسائي ٿيندي تہ اوهان جي شفاعت ٻڌي بہ ويندي، مڃي بہ ويندي ۽ ان شفاعت جي برڪت سان جهنم کان آزادي بہ ملندي، جڏهن اهڙي ڳالهہ آهي، پوءِ تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جا بہ بگڙيل ڪم ٺهي ويندا. مجرم گهبرائي رهيو آهي تہ رحمتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفاعت جي اميد لڳائي ڇڏي آهي. واهہ! اي مجرم! ڇا ڳالهہ آهي، تنهنجي تہ بگڙيل بڻجي وئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(سيپارو: 22، الاحزاب: 56)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪَ نبي تي درود موڪلِن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي فضل ۽ ان جي رحمت سان ماهِ ذيشان، شعبان شريف جي آمد ٿي چڪي آهي ۽ اسان ان جي بابرڪت گهڙين ۾ ساهہ کڻڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون. شعبان شريف تمام عظمت وارو

مهينو آهي، ان ۾ خير ۽ برڪت جي برسات ٿيندي آهي. طيب و طاهر نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: شَعْبَانُ الْمُطَهِّرُ وَرَمَضَانُ الْمُكَفِّرُ شعبان، پاڪ ڪرڻ وارو آهي ۽ رمضان ڪَفَّارو آهي.[1]

## شعبان شريف جون ڪجھ اھم عبادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان شريف جون ڪيتريون ئي خاص عبادتون آهن، مثال طور ❖ شعبان شريف کي شَهْرُ الْقُرَّاء يعني تلاوت ڪندڙن جو مهينو چيو ويو آهي.[2] تنهنڪري هن مهيني ۾ تلاوت جي ڪثرت ڪرڻ گھرجي ❖ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شعبان شريف ۾ ڪثرت سان نفلي روزا رکندا هئا.[3] ان ڪري هن مهيني ۾ نفلي روزن جي ڪثرت ڪرڻ گھرجي ❖ اهڙي طرح هن مبارڪ مهيني ۾ توبه ۽ استغفار جي به ڪثرت ڪرڻ گھرجي ❖ ۽ شعبان شريف جي هڪ اهم ترين عبادت درودِ پاڪ پڙهڻ به آهي. هونئن ته درودِ پاڪ زندگي ڀر جو وظيفو آهي، اسان جي روزاني جي معمولات ۾ درودِ پاڪ جي ڪثرت شامل رهڻ گھرجي ۽ سڄو سال ئي درود پڙهڻ گھرجي، البت هاڻي شعبان شريف جو مبارڪ مهينو آهي ۽ سُبْحٰنَ الله! شعبان شريف جي عظمتن، ان جي رفعتن ۽ برڪتن جو ڇا چئجي! هن مهيني کي محبوب رحمان، سلطان دوجها صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي طرف نسبت ڪري منهنجو مهينو فرمايو، جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي:

---

1...جامع صغير، صفحہ:301، حديث:4903۔

2.... لطائف المعارف، وظائف شہر شعبان، معنی آخر فی صوم شعبان، صفحہ:186۔

3...موطا امام مالک ، ابواب الصيام، باب المداومة علی الصيام، صفحہ:130، حديث:373۔

شَهْرُ رَمَضَانَ شَهْرُاللهِ وَ شَهْرُشَعْبَانَ شَهْرِیْ رمضان الله پاڪ جو مهينو آهي ۽ شعبان منهنجو مهينو آهي.[1]

چو ته هي آقا جو مهينو آهي، ان ڪري ان ۾ درودِ پاڪ جي خاص طور تي ڪثرت ڪئي ويندي آهي. سرڪارِ غوثِ اعظم، شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: هُوَشَهْرُ الصَّلَاةِ عَلَى النَّبِيِّ يعني شعبان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهڻ جو مهينو آهي.[2]

## آيتِ درود جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! چو ته هي درود پاڪ جو مهينو آهي، اچو! آيتِ درود جي وضاحت ۽ درود پاڪ پڙهڻ جي ڪجھ فضيلتن ۽ فائدن ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پاره:22، سوره احزاب، آيت: 56 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪَ نبي تي درود موڪلِن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. (سيپارو: 22، الاحزاب: 56)

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللہِ علیہ هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: قرآنِ ڪريم ڪيئي احڪام ڏنا پر ڪڏهن به اهو نه فرمايو ته اسان به ائين ڪيون ٿا، فرشتا به ائين ئي ڪن ٿا، اي ايمان

---

[1]...جامع صغير، صفحہ:301، حديث:4903۔

[2]...غنية طالبين، مجلس فی فضل شہر شعبان، جلد:1، صفحہ:342۔

وارؤ! توهان بہ ائين ڪيو، فقط درودِ پاڪ واحد حڪم آهي، جنهن لاءِ اهو سڀ ڪجهه فرمايو ويو. ڳالهه هي آهي تہ جنهن شيءِ جو حڪم اهتمام سان ڏيڻو هوندو آهي تہ بادشاهه رعايا کي چوندو آهي: اسان بہ ائين ڪندا آهيون، اسان جا وزير، مشير بہ ائين ڪندا آهن، اي رعايا! توهان بہ ائين ڪريو!

مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ وڌيڪ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ مسلمانن کي خبردار ڪيو ويو تہ اي درود پڙهندڙؤ! هي خيال نہ ڪجو تہ اسان جي محبوب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم تي اسان جون رحمتون توهان جي گهرڻ تي موقوف آهن، اسان جا محبوب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم توهان جي درود جا محتاج آهن، نہ! نہ! ائين هرگز نہ آهي! توهان درود پڙهو يا نہ پڙهو، انهن تي اسان جون رحمتون برابر وسي رهنديون آهن، توهان جي پيدائش ۽ توهان جو درود شريف پڙهڻ تہ ڪالهه کان ٿيو، انهن تي رحمتن جي برسات تہ تڏهن کان ٿي رهي آهي جڏهن، ڪڏهن بہ نہ بڻيو هو، جتي، اُتي، ڪتي کان پهريان انهن تي رحمتون آهن، توهان کان دعائون گهرائڻ توهان جي ڀلائي لاءِ آهي.[1]

خُدا مَدح خواں ہے، خُدا مَدح خواں ہے | مرے مصطفٰے کا، مرے مصطفٰے کا
خُدا کا وہ طالِب، خُدا اُس کا طالِب | خُدا اُس کا پیارا، وہ پیارا خُدا کا (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]…شانِ حبيب الرحمن، صفحہ:183-184۔

[2]…ذوقِ نعمت، صفحہ:57۔

## درودِ پاڪ پڙهڻ جو حڪم ڇو ڏنو ويو...؟؟

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ درود ۾ سيني مسلمانن کي درود پاڪ پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو، آخر درودِ پاڪ جي مَشْرُوْعِيَّتْ (يعني ان جو حڪم ڏيڻ) ۾ ڪهڙيون حڪمتون آهن؟ ٻڌو! ۽ ايمان تازو ڪريو! علماء فرمائن ٿا: درودِ پاڪ هڪ مستقل عبادت آهي ❖ تنهنڪري درودِ پاڪ جو حڪم ڏيڻ جي هڪ حڪمت تہ اجر ۽ ثواب آهي تہ اسان درود پڙهون ۽ اجر ۽ ثواب جا حقدار بڻجي وڃون ❖ ان ۾ ٻي حڪمت اها آهي تہ درودِ پاڪ هڪ شڪرانو آهي. يعني اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جا اسان تي بي انتها احسان آهن (مثلاً ❖ هي زمين ٻڻي حضور جي صدقي ❖ آسمان ٻڻيو حضور جي صدقي ❖ ڪائنات ٻڻي حضور جي صدقي ❖ اسان دنيا ۾ آياسين حضور جي صدقي ❖ اسان کي ساهہ مليا حضور جي صدقي ❖ مينهن وسندو آهي حضور جي صدقي ❖ اسان کي رزق ملندو آهي حضور جي صدقي ❖ اسان جِي رهيا آهيون حضور جي صدقي ❖ گناهن جي باوجود اسان تي عذاب نٿو اچي هي بہ حضور جو صدقو آهي. بلڪ هڪ شاعر تمام پياري ڳالهہ چئي!

ايمان مِلا، اُن کے صدقے، قرآن مِلا اُن کے صدقے
رحمٰن مِلا اُن کے صدقے، وہ کیا ہے جو ہم نے پایا نہیں

مطلب تہ هي بي انتها احسان آهن) اسان انهن احسانن جو بدلو ادا نٿا ڪري سگهون، الله پاڪ اسان کي درود پڙهڻ جو حڪم ارشاد فرمايو تہ جيئن انهن احسانن جو بدلو جيتوڻيڪ ادا نہ ڪري سگهون، البت حضور جانِ ڪائنات

صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪجھ شڪريو تہ ادا ٿي وڃي.[1]اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَیْه جو درودِ پاڪ تي پورو ڪلام آھي ۽ ھي پورو ڪلام شڪريہ جي لھجي ۾ آھي، لڪن ٿا:

ڪعبہ کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں درود
طیبہ کے شمس الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں درود
بے ہنر و بے تمیز کس کو ہوئے ہیں عزیز
ایک تمہارے سِوا تم پہ کروڑوں درود
خلق کے حاکم ہو تم، رزق کے قاسم ہو تم
تم سے ملا جو مِلا تم پہ کروڑوں درود
گندے نکمے، کمین، مہنگے ہوں کوڑی کے تین
کون ہمیں پالتا، تم پہ کروڑوں درود (2)

وضاحت: ھي جڻ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَیْه شڪريو ادا ڪري رھيا آھن تہ يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان بي ھنر بہ آھيون، تميز بہ ناھي، پوءِ بہ اوھان اسان کي عزيز رکو ٿا، اوھان جو تمام گھڻو شڪريو، اوھان تي ڪروڙين درود ھجن. اوھان مخلوق جا حاڪم بہ آھيو، رزق ورھائڻ وارا بہ آھيو، جيڪو ڪجھ مليو، اوھان جو تمام گھڻو شڪريو اوھان جي صدقي مليو ۽ ملي رھيو آھي، اوھان تي ڪروڙين درود ھجن. اسان گندا بہ آھيون، بيڪار

[1]...مسالک الحنفاء، المسلک التاسع فيما فيها من الاسئلة والاجوبة، صفحہ:70۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:264-270 ملتقطًا۔

ﺑﻪ آهيون، نڪمّا ﺑﻪ آهيون، ايترا بيڪار آهيون جو هڪ ڪوڙي (يعني معمولي قيمت) جا ٿي ﺑﻪ مهانگا آهن، ڪنهن در جي لائق ﻧﻪ هئاسين، پوءِ ﺑﻪ اوهان اسان کي نيائي رهيا آهيو، پالي رهيا آهيو، اوهان تي ڪروڙين درود هجن.

مطلب ﺗﻪ درودِ پاڪ جو حڪم ڏيڻ ۾ حڪمت آهي ﺗﻪ اسان جي طرفان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تورو گهڻو شڪريو ادا ٿي وڃي.

## ذڪرِ مصطفيٰ جا چرچا

درود پاڪ جو حڪم ڏيڻ ۾ هڪ ٻي وڏي ايمان افروز حڪمت آهي، علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: درود پاڪ پڙهڻ جو اسان کي حڪم ان ڪري ڏنو ويو ﺗﻪ (مَلَاءِ الاَعْلٰي يعني آسمانن تي ﺗﻪ هر وقت ذڪر مصطفيٰ ٿي ئي رهيو آهي، فرشتا درود موڪلي رهيا آهن، ان سان گڏوگڏ) زمين تي ﺑﻪ ڪٿي ﻧﻪ ڪٿي، ڪنهن ﻧﻪ ڪنهن زبان تي هر وقت ذڪر مصطفيٰ ٿيندو ئي رهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: ذڪر مصطفيٰ جو چرچو الله پاڪ کي پسند آهي ۽ ان ڪري اسان کي درود پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو. ﺗﻪ جيئن هر وقت ذڪر مصطفيٰ ٿيندو ئي رهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ﺗﻪ اسان گهڻي تعداد ۾ درودِ پاڪ پڙهون، گهڻي تعداد ۾ ذڪر مصطفيٰ ڪيون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون.

[1]… مسالک الحنفاء، المسلک التاسع فيما فيها من الاسئلة والاجوبة، صفحه:71۔

| | |
|---|---|
| حکمِ حق ہے پڑھو درود شریف | چھوڑو مت غافلو درود شریف |
| خود خدا بھیجتا ہے اُن پر درود | تم بھی بھیجا کرو درود شریف |
| حضرت مصطفٰے کا پیارا نام | جب سنو تب پڑھو درود شریف(1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## درودِ پاڪ جي متعلق ڪجھ احڪام

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

ترجموڪنزُالعرفان: اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.
(سيپارو: 22، الاحزاب: 56)

هن مقام تي اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ محبوب ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود ۽ خوب سلام موڪليو! هن آيت مان دليل وٺندي علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: (1): زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض آهي.[2] ۽ جنهن مجلس ۾ بہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر پاڪ پاڻ ڪري يا ڪنهن کان ٻڌي، ان وقت درود پڙهڻ واجب آهي.[3] تنهنڪري جيڪو ذڪر پاڪ ڪري يا ٻڌي درود شريف نہ پڙهي، اهو ترڪِ واجب جي

---

[1]... نورِ ايمان، صفحہ:39 ملتقطًا۔
[2]... درمختار، کتاب الصلاۃ ،باب صفۃ الصلاۃ ،صفحہ:71۔
[3]... بہار شريعت ،جلد:1،صفحہ:533،حصہ: 3ملخصاً۔

سبب گنهگار ٿيندو.[1] (2): اهو ضروري نہ آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نالو وٺي يا ٻڌي تڏهن ئي درود پڙهڻ واجب آهي بلڪ هر اهو لفظ جيڪو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات تي دلالت ڪري (مثلاً اوهان، حضور، رسولِ هاشمي وغيره)، ان سان گڏ درود شريف پڙهڻ واجب آهي.[2] (3): مختلف جلسن ۾ (مثلاً: هڪ جاءِ تي وينل هئا، ذڪر مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿيو، پوءِ اٿي ٻي جاءِ تي هليا ويا، پوءِ ذڪر مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿيو تہ) هر ڀيري درود شريف پڙهڻ واجب آهي، نہ پڙهندو تہ گنهگار ٿيندو.[3] (4): البت هڪ ئي مجلس ۾ بار بار ذڪر مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿئي تہ ان جي حوالي سان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مناسب اهو ئي آهي تہ هر ڀيري درود شريف پڙهندو وڃي تہ اهڙي شيءِ جنهن جي ڪرڻ ۾ وڏيون وڏيون رحمتون، برڪتون آهن ۽ نہ ڪرڻ ۾ بنا شڪ جي وڏي فضل کان محرومي آهي تہ ڪنهن عقلمند جو ڪم نہ آهي تہ ان کي ترڪ ڪري.[4] (5): خطبي دوران ذڪر پاڪ ٻڌو تہ فقط دل ۾ درود شريف پڙهو، زبان سان پڙهڻ جائز نہ آهي تہ ان وقت خاموش رهڻ فرض آهي.[5]

## درود نہ پڙهڻ جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ گهٽائي ماٺهو درود پاڪ پڙهڻ ۾ سستي ڪندا آهن. هي تمام محروميءَ جو سبب آهي.

---

[1]…فتاوىٰ رضويہ، جلد:6،صفحہ:222، ماخوذاً۔

[2]…فتاوى اہلسنت، ريفرينس نمبر9649۔

[3]…فتاوىٰ رضويہ، جلد:6،صفحہ:222 بتغير قليل۔

[4]…فتاوى رضويہ، جلد:6،صفحہ:222-223 ملخصاً۔

[5]…فتاوى رضويہ ، جلد:8،صفحہ : 365 بتغير قليل ۔

حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اَلْبَخِيْلُ الَّذِیْ مَنْ ذُكِرْتُ عِنْدَهٗ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَیَّ يعني ڪنجوس آهي اهو شخص جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿيو پوءِ هن مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو.[1]

## خوفناڪ ڪارو نانگ

هڪ شخص فوت ٿي ويو. ان لاءِ قبر کوٽي وئي تہ قبر ۾ هڪ خوفناڪ ڪارو نانگ نظر آيو. ماڻهن گهبرائي اها قبر بند ڪري ڇڏي ۽ ٻئي هنڌ قبر کوٽي. اتي بہ اهو نانگ موجود هو. ٽئين هنڌ قبر کوٽي، اهو ئي خوفناڪ ڪارو نانگ اتي بہ موجود هو. آخر نانگ ڳالهائي چيو: توهان جتي بہ قبر کوٽيندا، مان اتي پهچندُس. ماڻهن پڇيو: هي قهر ۽ غضب ڇو آهي؟ نانگ چيو: هي شخص جڏهن سرڪارِ مدينہ صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جو نالو مبارڪ ٻڌندو هو تہ درود پڙهڻ ۾ ڪنجوسي ڪندو هو، هاڻي مان هن ڪنجوس کي سزا ڏيندو رهندس.[2]

جو تِرے در پر جھکا وہ سر بُلندی پا گیا

جو اکڑ کر رہ گیا، بے شک ذلیل و خوار ہے (3)

## دل ۾ درود جو شوق وڌايو!

الله اڪبر! الله پاڪ اسان جي حفاظت فرمائي، اسان کي پنهنجي دل ۾ شوقِ

---

[1]…ترمذی، کتاب الدعوات، باب قول رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم رغم …الخ، صفحہ:811، حديث:3546۔

[2]…شفاء القلوب ، صفحہ:309 بتغير قليل۔

[3]…وسائلِ بخشش، صفحہ:471۔

درود وڌائڻ گهرجي. علامہ عبدالعزيز دباغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنت کي درودِ پاڪ جو تمام گهڻو شوق آهي، جنت جي اطراف ۾ فرشتا آهن، اهي جڏهن بہ درودِ پاڪ پڙهندا آهن تہ جنت پکڙجڻ شروع ٿي ويندي آهي، جيستائين اهي فرشتا درود پڙهندا رهندا آهن، جنت پکڙجندي رهندي آهي. کنهن سوال ڪيو: فرشتن جي تسبيح تي جنت چو ناهي پکڙجندي، درود پاڪ تي ئي چو پکڙجندي آهي؟ علامہ عبدالعزيز دبّاغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ جنت نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مان بڻائي وئي آهي، ان ڪري جنت کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان اهڙي ئي محبت آهي، جهڙي هڪ ٻار کي پنهنجي پيءُ سان هوندي آهي، تنهنڪري جڏهن فرشتا درود پڙهندا آهن تہ جنت شوق سان ان طرف وڌندي آهي ۽ پکڙجڻ شروع ٿي ويندي آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! هي آهي جنت...!! جڏهن جنت درودِپاڪ سان اهڙي محبت رکي ٿي تہ اسين جنت جا طلبگار آهيون، اسان کي بہ گهرجي تہ درودِ پاڪ جو شوق دل ۾ وڌايون. بلڪہ هڪ معلوماتي ڳالهہ عرض ڪريان! جنت کي شوقِ درود ان ڪري آهي چو تہ جنت نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مان بڻائي وئي آهي، جيڪڏهن حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ هر شيءِ نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم مان ئي بڻي آهي، جي ها! حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللهُ نُوْرِیْ، وَكُلُّ شَيْءٍ خُلِقَ مِنْ نُوْرِی الله پاڪ سڀ کان پهرين منهنجو نور بڻايو ۽ هر شيءِ منهنجي نور مان ئي بڻائي وئي آهي.[2]

---

[1]...الابريز، الباب الحادی عشر فی الجنۃ و ترتيبها...الخ، وسالتہ رضی اللہ عنہ لم كانت الجنۃ...الخ، صفحہ:488۔

[2]...مطالع المسرات، فصل فی كيفيۃ الصلاۃ علی النبی صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، الحزب الثانی فی يوم الثلاثاء، صفحہ:225۔

سُبْحٰنَ اللہ! جڏهن جنت نورِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان بڻي ته درودِ پاڪ جو تمام گهڻو شوق رکي ٿي، اسان به ته ان ئي نور مان بڻايا ويا آهيون، اسان کي به گهرجي ته درودِ پاڪ سان محبت ڪريون ۽ خوب، ذوق و شوق سان درودِ پاڪ پڙهندا رهون.

## مصطفيٰ جو ٻانهو بڻجڻ جو طريقو

قرآنِ ڪريم ۾ هڪ تمام اطمينان بخش آيت آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِیْعًا ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: الله جي رحمت کان مايوس نه ٿجو. بيشڪ الله سمورا گناهه بخشي ڇڏيندو آهي، (سيپارو: 24، الزمر: 53)

هيءَ ڪهڙي نه ايمان افروز آيت آهي، ته جيتوڻيڪ ٻانهي جا گناهه ايترا هجن جو انهن سان زمين ۽ آسمان ڀرجي وڃن، ان جي باوجود ڪيس آٿت ۽ تسلي ڏني وئي ته گهبراءِ نه، الله جي رحمت مان نااميد نه ٿيو! بيشڪ الله تعاليٰ سيني گناهن کي بخشڻ وارو آهي.

هاڻي هي ڪيڏي ايمان افروز آيت آهي ۽ ڪيڏي اطمينان بخش عنايت آهي ته جيترا به گناهه هجن، نااميد ٿيڻ جي ضرورت نه آهي، الله پاڪ بخشڻ وارو آهي. پر هتي غور ڪرڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته هي فضيلت، هي عنايت، هي اطمينان ڪنهن لاءِ آهي؟ ان ئي آيت جا ابتدائي لفظ ٻڌو! ارشاد ٿئي ٿو:

قُلْ

ترجمو ڪنزُالعرفان: اوهان فرمايو! (سيپارو: 24، الزمر: 53)

ڇا ڇوٽو آهي؟ ڪنهن کي ڇوٽو آهي؟ فرمايو:

يٰعِبَادِیَ

ترجموڪنزُالعرفان: اي منهنجا اهي ٻانهؤ. (سيپارو: 24، الزمر: 53)

يعني اي منهنجا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي ٻانهن، پنهنجي غلامن کي فرمايو! (ڇا فرمائڻو آهي؟ هي تہ) اي منهنجا غلامؤ! اي منهنجا ٻانهؤ! اي منهنجا امتيو! جيڪي منهنجا تي ويا آهيو، توهان الله پاڪ جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو! بلڪ توهان منهنجا ٻڌجي وڃو! الله پاڪ توهان جا اڳيان پويان سيئي گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي وڏي فضيلت آهي، جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ٻانهو آهي، الله پاڪ جي رحمت سان ان جا سڀ گناهہ بخشيا ويندا. هاڻي سوال اهو آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سچو ٻانهو ۽ سچو غلام ڪيئن ٻڻجڻو آهي؟ ان لاءِ حديثِ پاڪ ٻڌو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَنَاحَبِيْبُ اللهِ تَعَالٰى وَالْمُصَلِّيْ عَلَيَّ حَبِيْبِیْ يعني مان الله پاڪ جو محبوب آهيان ۽ جيڪو مون تي درود پڙهي، اهو منهنجو محبوب آهي.[2]

معلوم ٿيو: جيڪو محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو محبوب ٻڻجڻ چاهي ٿو، اهو محبوبِ خدا تي گهڻي تعداد ۾ درودِ پاڪ پڙهندو رهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سچو غلامِ مصطفيٰ ٻڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

---

[1]... برڪاتِ درود، صفحہ:3۔

[2]...خزينۃ الاسرار، باب الاحاديث الواردة في خواص الصلاة والسلام على سيد الانام...الخ، صفحہ:201۔

## نيڪين جو پلڙو وزن وارو ڪيئن ٿيو؟

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي، غيب ڄاڻيندڙ نبي، رسولِ هاشمي صلّی الله عليه واله وسلّم قيامت جي ڏينهن جي خبر ڏيندي فرمايو: قيامت جو ڏينهن هوندو، حضرت آدم عليه السّلام ساوا ڪپڙا پائي، الله جي عرش جي ڇانوَ ۾ ويٺل هوندا ۽ ڏسندا هوندا ته سندن اولاد مان ڪير جنت ۾ وڃي ٿو ۽ ڪير جهنم ۾ اڇلايو پيو وڃي. ايتري ۾ پاڻ عليه السّلام جي نظر نبين جي تاجدار، اَحْمَدِ مختار صلّی الله عليه وآله وسلّم جي هڪ امتي تي پوندي، فرشتا ڪيس جهنم طرف وٺي وڃي رهيا هوندا، هي ڏسي حضرت آدم عليه السّلام رڙ ڪري آواز ڏيندا: يَااَحْمَدُ!يَااَحْمَدُ!اي اَحْمَد!اي اَحْمَد! صلّی الله عليه وآله وسلّم

(الله! الله! اي عاشقان رسول! قربان وڃو! اهو قيامت جو منظر...! اهو خوفناڪ ڏينهن جڏهن هر ڪو پنهنجي پريشانين ۾ هوندو، ايستائين جو ماءُ به پنهنجي ٻارن کان پنهنجي جان ڇڏائي رهي هوندي، اسان جا آقا و مولىٰ، اسان کي بخشرائڻ وارا آقا، رحم فرمائڻ وارا آقا، جنت ۾ پهچائڻ وارا آقا، مالڪِ جنت، صاحبِ ڪوثر، نبيِ رحمت، شفيع امت صلّی الله عليه وآله وسلّم هن ڏکئي وقت ۾ به اسان گنهگارن کي بخشرائڻ ۽ جنت ۾ پهچائڻ لاءِ ميدانِ محشر ۾ ئي موجود هوندا. اعلىٰ حضرت جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رحمة الله عليه ان وقت جي ڪيفيت کي شعرن جي صورت ۾ هن ريت بيان ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| کسی کے پلہ پہ یہ ہوں گے وقتِ وزن عمل | کوئی اُمید سے منہ اُن کا تک رہا ہو گا |
| کوئی قریبِ ترازو، کوئی لبِ کوثر | کوئی صراط پر اُن کو پُکارتا ہو گا |
| عزیز بچہ کو ماں جس طرح تلاش کرے | خُدا گواہ یہی حال آپ کا ہو گا |

ہزار جان فدا نرم نرم پاؤں سے | پُکار سُن کے اَسیروں کی دوڑتا ہو گا(1)

الله پاڪ ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي اسان جي آقا و موليٰ مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي) جڏهن آدم عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ امتي کي جهنم ۾ ويندي ڏسي پڪاريندا تہ حضور جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مان جواب ۾ چوندس: لَبَّيْكَ يَا اَبَا الْبَشَر اي تمام انسانن جا والد! لبيڪ...! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام فرمائيندا: هي اوهان جو امتي آهي، فرشتا کيس جهنم طرف وٺي وڃي رهيا آهن.

بازارِ قیامت میں جنہیں کوئی نہ پوچھے | ایسوں کا خریدار ہمیں تُو نظر آیا(2)

اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفٰيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اها صدا ٻڌي جلدي ۾ فرشتن وٽ تشريف کڻي ايندا ۽ فرمائيندا: اي منهنجي رب جا فرشتؤ! بيهي رهو...!! فرشتا عرض ڪندا: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان فرشتا آهيون ۽ فرشتا الله پاڪ جي نافرماني ناهن ڪندا، جيڪو حڪم هجي، اهو سرانجام ڏيندا آهن، هي ٻڌي امت جا غمخوار، نبي رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ ڏاڙهي پڪڙي وٺندا ۽ عرشِ الهي طرف رخ ڪري عرض ڪندا: اي منهنجا ربِ ڪريم! ڇا مون سان واعدو نہ هو تہ **اُمت** جي معاملي ۾ مون کي غمگين نہ ڪيو ويندو...؟ هاڻي فرشتن کي حڪم ڏنو ويندو: اَطِيْعُوْا مُحَمَّدًا يعني اي فرشتؤ! مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪريو! (هي حڪم ملندي ئي ڇا ٿيندو؟ اعليٰ حضرت، امام

---

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:51-53۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:45۔

اهلسنت رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا:

چھوڑ کر مجھ کو فرشتے کہیں محکوم ہیں ہم | حکمِ والا کی نہ تعمیل ہو زُہرہ کیا ہے[1]

يعني فرشتا ان مجرم کي ڇڏي ادب سان عرض ڪندا: يارسولَ الله صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم! اسان اوهان جا غلام آهيون، اسان جي ڇا مجال جو اوهان جي حڪم تي عمل نہ ڪريون.)

هاڻي مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزم هدايت صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جي حڪم سان ان بانهي کي ٻيهر ميزانِ عمل تي آندو ويندو، ان جا اعمال توريا ويندا، شفاعت فرمائيندڙ آقا، امت کي بخشائيندڙ آقا صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم فرمائن ٿا: مان پنهنجي کيسي مان آڱر جي پوري جي برابر اچو ڪاغذ ڪڍندس ۽ بِسْمِ اللّٰه پڙهي نيڪين جي پلڙي ۾ رکندس، ان جي برڪت سان ان شخص جو نيڪين جو پلڙو وزن وارو ٿي ويندو.

محشر میں گنہگار کا پلّہ ہُوا بھاری | پلّہ پر جو وہ قربِ ترازو نظر آیا[2]

هتي ان شخص جو نيڪين جو پلڙو وزني ٿيندو، ساڳئي وقت محشر ۾ هڪ شور ٿيندو: ڪامياب ٿي ويو، ڪامياب ٿي ويو، ان جي نيڪين جو پلڙو وزني ڪيو ويو، هاڻي ڪيس جنت ۾ وٺي وڃو...!!

یہ سماں دیکھ کے محشر میں اُٹھے شور کہ واہ
چشمِ بد دُور ہو! کیا شان ہے! رُتبہ کیا ہے...!
صَدقے اِس رَحم کے، اس سایۂ دامن پہ نثار

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:173۔
[2] ...ذوقِ نعت، صفحہ:46۔

اپنے بندے کو مصیبت سے بچایا کیا ہے !(1)

جڏهن فرشتا ان شخص کي جنت جي طرف وٺي وڃڻ لڳندا تہ اهو عرض ڪندو: اي فرشتو! ٿورو بيهي رهو! مان هن بزرگ کان ڪجهہ عرض ڪريان! تڏهن اهو عرض ڪندو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اوهان جو مقدس چهرو ڪيڏو نوراني آهي، اوهان ڪهڙي اعليٰ اخلاق وارا آهيو، اوهان منهنجي ڳوڙهن تي رحم ڪاڏو ۽ منهنجا گناهہ معاف ڪرايا، اوهان ڪير آهيو؟ ارشاد ٿيندو: مان توهان جو نبي مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) آهيان ۽ هي توهان جو درودِ پاڪ هو، جيڪو توهان مون تي پڙهيو هو، مون ان کي اڄ جي ڏينهن لاءِ ئي محفوظ ڪري رکيو هو.[2]

وہ پرچہ جس میں لکھا تھا دُرود اس نے کبھی
یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود شريف جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! درودِ پاڪ تمام اعليٰ وظيفو آهي. ان جون ايتريون برڪتون آهن، ايتريون برڪتون آهن جو واهہ! سُبْحٰنَ الله! دنيا ۽ آخرت جي ڪا بہ پريشاني هجي، درودِ پاڪ ان جو تمام آسان حل آهي. حضرت اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ مون عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ! مان اوهان تي

---

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:173۔

[2]...القول بديع، باب ثانی، فی ثواب الصلاة علی رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، صفحہ:129 بتغير قليل۔

[3]...سامانِ بخشش، صفحہ:142۔

گهڻو درود پڙهڻ چاهيان ٿو، پنهنجي روزاني وظيفن جي وقت مان ڪيترو وقت درود لاءِ رکان؟ پاڻ فرمايائون: جيترو تنهنجي مرضي. مون چيو: چوٿون حصو؟فرمايائون: جيترو چاهين، پر وڌيڪ ڪندين ته سٺو ٿيندو. مون چيو: اڌ وقت؟ فرمايائون: جيترو چاهين، پر وڌيڪ ڪندين ته بهتر آهي. مون عرض ڪيو: ٻه حصا فرمايائون: جيترو چاهين، پر جي وڌيڪ ڪندين ته وڌيڪ سٺو آهي. مون چيو: ته پوءِ سڄو وقت درود ئي پڙهان؟ فرمايائون: جيڪڏهن ائين ڪندين ته تنهنجون سڀ پريشانيون دور ٿي وينديون ۽ تنهنجا گناهه معاف ٿي ويندا.[1]

سُبْحٰنَ الله! هڪ ماڻهوءَ کي رڳو ٻه فڪر ٿي سگهن ٿا، هڪ دنيا جو ۽ ٻيو آخرت جو. درود شريف پڙهو، ته دنيا جا ٻه سڀ فڪر ختم ٿي ويندا ۽ آخرت جون ٻه سڀ پريشانيون دور ٿي وينديون. مثال طور ❖ بيمار آهيو، درود پڙهو! ❖ تنگدستي آهي، درود پڙهو! ❖ اولاد جي خواهش آهي، درود پڙهو! ❖ قرض چڙهي ويو آهي، درود پڙهو! ❖ روزگار نٿو ملي، درود پڙهو! ❖ نوڪري نٿي لڳي، درود پڙهو! ❖ امتحان ۾ ڪاميابي گهرجي، درود پڙهو! نيڪ ٻڻجڻ چاهيو ٿا، درود پڙهو! ❖ مشڪلاتن جو حل چاهيو ٿا، درود پڙهو! مطلب ته هر مشڪل، هر پريشاني، هر غم، هر خوف جو حل درودِ پاڪ آهي.

## قرض جي ادائيگي جو انوکو انتظام

هڪ واپاري وڏو خوشحال هو، ڪاروبار چڱو ڀلو هلي رهيو هيس، پيسن جي ٻه گهٽائي هيس، پوءِ وقت ڦيرو کاڌو، ان واپاريءَ جون مالي

[1]...ترمذی، ابواب صفۃ القیامۃ والرقاق والورع، صفحہ:583، حدیث:2457۔

حالتون خراب ٿيڻ لڳيون، ڪاروبار ۾ نقصان ٿيندي ٿيندي نوبت ايستائين اچي پهتي جو ان جو ڪاروبار بلڪل ختم ٿي ويو ۽ اهو ويچارو بلڪل سُڃو ٿي ويو. ان ڪنهن دوست ڪان ٽي هزار(3000) دِينار (سون جا سِڪا) قرض ورتو هو ۽ واپسي جي تاريخ مقرر هئي، قرض **خواه مقرر تاريخ تي قرض جي واپسي جو مطالبو ڪيو، ان ويچاري گهرينديءَ چيو ته ادا مان مجبور آهيان، مون وٽ ڪابه شيءِ نه آهي،** قرض خواه قاضي وٽ ڪيس داخل ڪري ڇڏيو، قاضي صاحب ان مقروض واپاريءَ کي گهرايو ۽ مقدمي جي باقاعده ٻڌڻي ڪان پوءِ ان مقروض واپاري کي هڪ مهيني جي مهلت ڏني وئي ۽ تاڪيد ڪيائين ته ان مدت ۾ ضرور قرض جي واپسي جو انتظام ڪري ونجان. اهو مقروض واپاري گهڻو پريشان ٿيو، سوچڻ لڳو ته ڇا ڪيان؟ ممڪن آهي ته ان ڪٿي پڙهيو هجي يا عالمن کان ٻڌو هجي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشادِ گرامي آهي: جنهن ٻانهي تي ڪا مصيبت، ڪا پريشاني اچي ته هو مون تي **درودِ پاڪ جي ڪثرت** ڪري، ڇوته درودِ پاڪ مصيبتن ۽ پريشانين کي ختم ڪندو آهي ۽ رِزق وڌائيندو آهي. آخرڪار ان عاجزي سان مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو، جڏهن ستاويهه (27) ڏينهن گذري ويا ته ان رات جو هڪ خواب ڏٺو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: اي شخص! تون پريشان نه ٿيءُ، الله ڪريم وڏو ڪارساز آهي تنهنجو قرض ادا ٿي ويندو. تون سلطنت جي وزير علي بن عيسيٰ وٽ وڃ ۽ ان کي چئو ته مون کي قرض ادا ڪرڻ جي لاءِ ٽي هزار (3000) دِينار ڏئي. ان مقروض واپاري جو چوڻ آهي ته مان جڏهن بيدار ٿيس ته ڏاڍو خوش هئس، پريشاني ختم ٿي چڪي هئي، پر پوءِ اهو خيال به ايندو رهيو ته جيڪڏهن وزير صاحب ڪو دليل يا نشاني گُهري ته مون وٽ ته ڪو دليل به نه آهي. اهو ئي سوچيندي ٻي رات اچي وئي جڏهن مان سُتس ته قسمت جاڳي پئي، مون کي رسول اڪرم، رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ديدار نصيب ٿي ويو، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به علي بن عيسيٰ وزير وٽ وڃڻ جو حڪم

ڏنو، جڏهن اک کلي تہ خوشي جي انتها نہ هئي، ٽئين رات وري اُمت جا والي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿين ٿا ۽ وري حڪم فرمائن ٿا تہ وزير علي بن عيسي وٽ وڃو ۽ ان کي اهو فرمان ٻڌايو، عرض ڪيم: يارَسُولَ اللّٰه! صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪا نشاني يا دليل ارشاد فرمايو جيڪو مان ان وزير کي ٻڌايان. اهو ٻڌي سوالين جون جهوليون پرڻ واري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ جيڪڏهن وزير توکان نشاني ڪري تہ چئي ڇڏجان تہ تون نمازِ فجر کان پوءِ ڪنهن سان ڳالهائڻ کان پهريان رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ذات مٿان پنج هزار (5000) ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو آهين، جنهن کي اللّٰه ڪريم ۽ ڪراماً ڪاتبين ڪانسواءِ ڪو نٿو ڄاڻي. اهو فرمائي رحمت عالم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف وٺي ويا، مان بيدار ٿيس، فجر نماز کان پوءِ مسجد کان ٻاهر پير رکندي غور ڪيم تہ معلوم ٿيو تہ اڄ مهلت کي پورو هڪ مهينو گذري چڪو هو. مان وزير صاحب جي رهائش گاهہ تي پهتس ۽ وزير صاحب کي سڄو واقعو ٻڌايم، جڏهن وزير صاحب ڪا نشاني گهري تہ مون سندن کي آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد ٻڌايو تہ وزير صاحب خوشي ۽ مسرت سان جُهومي پيو، گهر ويو ۽ نوَ هزار (9000) دِينار ساڻ کڻي آيو، اُنهن مان ٽي (3000) هزار ڳڻي منهنجي جهولي ۾ وڌائين ۽ چيائين: هي ٽي هزار(3000) قرض جي ادائيگي جي لاءِ آهن، ان کانپوءِ ٽي هزار(3000) ٻيا ڏنائين ۽ چيائين: هي تنهنجي ٻارن جي خرچ پکي جي لاءِ آهن. وري ٽي هزار(3000) ٻيا ڏئي چيائين: هي تنهنجي ڪاروبار جي لاءِ آهن. جڏهن مون کي رخصت ڪرڻ لڳو تہ قسم ڏئي چيائين: اي ڀاءُ! تُون منهنجو دِيني ۽ ايماني ڀاءُ آهين، خدارا! اهو محبت وارو تعلق نہ ٽوڙجان ۽ جڏهن بہ ڪو ڪم هجي، ڪنهن شيء جي ضرورت هجي تہ بنا روڪ ٽوڪ جي اچي وڃجان، مان اوهان جو مسئلو دل ۽ جان سان حل ڪري ڇڏيندس.

واپاري شخص جو وڏيڪ بيان آهي تہ مان اها رقم کڻي سڌو قاضي

صاحب جي عدالت ۾ پهچي ويس ۽ جڏهن ڏُرين کي گهرايو ويو تہ مان اڳتي وڌيس ۽ ٽي هزار(3000) دِينار ڳڻي قاضي صاحب جي اڳيان رکي ڇڏيم. جنهن تي قاضي صاحب سوال ڪيو تہ ٻڌاءِ تون ايتري ساري رقم ڪٿان آندي آهي؟ جڏهن تہ تون سُڃو هئين. مون سڄو ماجرو بيان ڪيو، قاضي صاحب اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو، پوءِ اٿي پنهنجي گهر ويو ۽ گهران ٽي هزار (3000) دينار کڻي آيو ۽ چوڻ لڳو: سڄيون برڪتون وزير صاحب ئي چو ماڻي، مان بہ تہ انهيء در جو غلام آهيان، تنهنجو اهو سمورو قرض مان پنهنجي کيسي مان ادا ڪندُس. جڏهن قرض خواه اهو ماجرو ڏٺو تہ اهو چوڻ لڳو تہ تمام رحمتون توهان ئي چو ماڻيو، مان بہ ان جي رحمت جو حقدار آهيان.'' اهو چئي ان لکي ڏنو تہ مون الله ڪريم ۽ ان جي رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا جي لاءِ هن ٻانهي جو قرض معاف ڪيو. اهو ڏسي ان مقروض واپاري قاضي صاحب کي چيو: جناب اوهان جي تمام گهڻي مهرباني. اوهان پنهنجي رقم سنڀالي وٺو، هاڻي مون کي ان جي ضرورت ناهي رهي. ان تي قاضي صاحب چوڻ لڳو: مون الله ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۾ جيڪي دِينار آندا آهن اهي واپس وٺڻ لاءِ بلڪل تيار نہ آهيان، اهي اوهان جا ئي آهن هنن کي کڻي وڃو. اهو واپاري چوڻ لڳو: مان جيڪو پهريان قرض ۾ ٻڏل هئس هاڻي اهي ٻارهن هزار (12000) دِينار کڻي گهر موٽيس، منهنجو قرض بہ معاف ٿي ويو، گهر جي لاءِ خرچ بہ ملي ويو ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي لاءِ بہ چڱي ڀلي رقم ملي وئي. اهي تمام برڪتون درودِ پاڪ پڙهڻ جي ڪري ظاهر ٿيون.[1]

مشکل جو سر پہ آ پڑی تیرے ہی نام سے ٹلی
مشکل کشا ہے تیرا نام تجھ پر درود اور سلام

[1]...جذب القلوب، باب ہفت دہم در ذکر فضائل وآداب صلوة بر سید کائنات، صفحہ:237-238 ۔

## موت کان جنت تائين جا مرحلا

پيارا اسلامي ڀائرؤ! الحمد لله! اسان جنت جا طلبگار آهيون ۽ هر مسلمان ڪي گهرجي تہ جنت ۾ وڃڻ جي خواهش دل ۾ رکي، ان ڪري جو جنت رحمتِ الهي جو مقام آهي. هاڻي معاملو اهو آهي تہ مرڻ کان وٺي جنت ۾ پهچڻ تائين ڪجهہ مرحلا آهن: (1): حضرت ملڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام جو روح ڪڍڻ لاءِ اچڻ (2): روح نڪرڻ (3): قبر ۾ لهڻ (4): نَڪِيرَين (يعني قبر ۾ ايندڙ فرشتن) جا سوال (5): پوءِ قبر جي اڪيلائي (6): پوءِ ميدانِ محشر (7): پوءِ پل صراط. انهن سڀني مرحلن مان گذري ئي اسان جنت ۾ پهچي سگهون ٿا.

۽ لطف جي ڳالهہ اها آهي تہ درودِ پاڪ اها اعليٰ ترين نيڪي آهي، جنهن جي ذريعي انهن سڀني مرحلن ۾ آساني نصيب ٿي ويندي آهي. هي درودِ پاڪ جي برڪتن مان آهي تہ ❖ درود پڙهڻ واري جي روح آساني سان قبض ڪئي ويندي آهي ❖ درود پڙهڻ واري سان نَڪِيرَين (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا فرشتا) نرمي اختيار ڪندا آهن❖ درود پڙهڻ واري کي قبر جي اڪيلائي ۽ وحشت کان نجات ملندي آهي ❖ درودِ پاڪ پڙهڻ وارو روزِ قيامت امن ۽ سڪون ۾ رهندو ❖ درودِ پاڪ پڙهڻ واري کي قيامت جي سڀني مرحلن ۾ آساني نصيب ٿيندي ❖ درودِ پاڪ پڙهڻ واري کي پل صراط تي نور عطا ڪيو ويندو. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون (خواب جي عالم ۾) هڪ اهڙو شخص ڏٺو جيڪو پل صراط تان ٿڙندو پئي ويو، ايتري ۾ مون تي موڪليل درودِ پاڪ نمودار ٿيو، جنهن کيس ٻانهن کان پڪڙي ورتو ۽ وٺي وڃي بهشت ۾ پهچايو.[1]

[1]…مجمع الزوائد، کتاب التعبير، باب فيما راه النبى صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَ آلہِ وَ سَلَّم فى المنام، جلد:7، صفحہ:266۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! ڪيڏي عظيم نيڪي آهي. دنيا جي هر پريشاني جو حل ان ۾ آهي، آخرت جي هر ڏک جو حل بہ ان ۾ آهي، رب جي رضا گهرجي اها بہ درودِ پاڪ سان ملي ويندي آهي، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو قرب گهرجي، اهو بہ درودِ پاڪ سان ملي ويندو آهي پر...!! ڪيڏي محرومي جي ڳالھ آهي، اسان درودِ پاڪ جي طرف توجھ ناهيون ڪندا. ❖ پريشانيون آهن ❖ ڏک آهن ❖ غم آهن ❖ روئندا رهندا آهيون ❖ پريشانين ۾ وار اڇا ڪري ورتا ❖ راتين جي ننڊ ❖ ڏينهن جو سڪون برباد ٿي ويو ❖ ڪاروبار بند ٿي ويا. انهن سڀني پريشانين جو حل اسان ڄاڻون ٿا ۽ آسان ترين حل آهي، صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد هڪ سيڪنڊ ۾ پڙهي سگهون ٿا. روزانو ڪجھ منٽ ڪيڏا آهن، 500 ، 1000، 1200 ڀيرا درود پڙهڻ ڪو مشڪل ڪم نہ آهي پر اسان توجھ نٿا ڪريون. الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ واڌاري لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال (Naik Amal) هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ شاگردن (Students) لاءِ الڳ، الڳ رسالا موجود آهن

❖ ان کي 6 مختلف ٻولين ❖ انگريزي ❖ اردو ❖ هندي ❖ بنگلا ❖ گجراتي ۽ ❖ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ❖ ان ۾ مختلف نيڪ اعمالن تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن ❖ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجن اعمالن جو جائزو وٺو، ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٺهندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار اجرو ، صاف سترو، خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** نماز ۾ سدل مڪروه تحريمي آهي.

**وضاحت:** هي تمام اهم مسئلو آهي، گهڻائي ماڻهو ان ۾ غلطي ڪندا نظر ايندا آهن. تنهنڪري سَدل ڇا آهي؟ ان کي توجهه سان سمجهي وٺو! سدل جي لفظي معنيٰ آهي: لٽڪائڻ. شريعت ۾ ڪپڙي کي رائج استعمال جي خلاف لٽڪائڻ سَدَل سڏجي ٿو.[1] مثال طور ❖ جيڪٽ يا واسڪٽ کي ٻانهن ۾ وجهڻ کان سواءِ صرف ڪلهن تي رکڻ، سَدَل آهي ❖ ائين ئي چادر يا شال وغيره ڪلهن تي هن طرح لٽڪائڻ جو ان جا ٻئي ڪنارا لٽڪندا رهن.

---

[1]...درمختار ، کتاب الصلاة ، باب مايفسد الصلاة وما يكره فيها، صفحہ:87 ملتقطاً۔

هي بہ سدل آهي.[1] ها! جيڪڏهن چادر جي هڪ پلاند کي وَٽُ ڏيئي ٻئي ڪلهي تي رکيو وڃي، جنهن کي 'ٻُڪل هٽڻ' چئجي ٿو، اهو سدل نہ آهي. ياد رکو! نماز ۾ سدل مڪروهِ تحريمي (۽ گناهہ) آهي ۽ ان سان نماز واجب الاعاده ٿي ويندي آهي (يعني اهڙي نماز کي ٻيهر پڙهڻ واجب آهي.[2] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَاوَاحِدُ

جنهن کي اڪيلائي ۾ ڊپ لڳندو هجي اهو اڪيلائي ۾ يَاوَاحِدُ 1 هزار 1 ڀيرا پڙهي وٺي اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ان جي دل مان خوف هليو ويندو.[3] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... فتاویٰ اہلسنت (غیر مطبوعہ)، فتویٰ نمبر:Pin-7368۔

[2]... فتاوی رضویہ ،جلد7،صفحہ385۔

[3]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:255۔